از: شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه

تخريج شده

رسالو نمبر: 63

# ڪفن چورن جا انڪشاف




| | |
|---|---|
| هڪ ڪفن چور جي پنهنجي ڪهاڻي | 1 |
| شرابيءَ جو انجام | 5 |
| جوانيءَ ۾ توبهه جو انعام | 6 |
| درندي جي پيٽ ۾ ٻه ڄڻا | |
| ۽ سزا جو سلسلو هوندو آهي | 8 |
| قبر جي عذاب جو قرآن مان ثبوت | 9 |
| اسان ڇو پريشان آهيون؟ | 12 |
| بي نمازيءَ جي صحبت کان بچو! | 18 |



پيشڪش: مجلس مڪتبة المدينه (دعوتِ اسلامي)

مڪتبة المدينه

فيضان مدينه، محلہ سوداگران، پراڻي سبزي منڊي، باب المدينه، ڪراچي پاڪستان. فون: 4921389-95/412699 فيڪس: 4125858

Email:maktaba@dawateislami.net Website: www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# كفن چورن جا انڪشافات

شيطان ڪيتري بہ سستي ڏياري پر توهان هي رسالو مڪمل پڙهي وٺو ان شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ نمازن ۽ نيڪين جو شوق ۽ گناهن کان نفرت وڌندي

## درود شريف جي فضيلت

خاتم المُرسَلين، رَحمةٌ لّلعٰلمين، شفيعُ المُذنِبين، اَنيسُ الغَرِيبِين، سِراجُ السَّالِكين، مَحبوبِ ربُّ العٰلَمين، جنابِ صادِق و اَمين عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تعالیٰ عليه وآله وسلم جن جو فرمانِ دلنشين آهي: جڏهن خميس جو ڏينهن ايندو آهي الله تعالیٰ فرشتن کي موڪليندو آهي جن وٽ چانديءَ جا ڪاغذ ۽ سون جا قلم هوندا آهن اهي لکندا آهن، ڪير **خميس جي ڏينهن ۽ جمعي جي رات** مون تي ڪثرت سان درودِ پاڪ پڙهندو آهي.
(كنزالعمال ج1 ص 250 رقم الحديث 2174 دار الكتب العلمية بيروت)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب ! صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿1﴾ هڪ ڪفن چور جي پنهنجي ڪهاڻي

**حضرتِ** سيّدُنا حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ تعالىٰ عَلَيْه جي هٿ مبارڪ تي هڪ اهڙي **ڪفن چور** توبهہ ڪئي جنهن سوين ڪفن چورايا هئا. **حضرتِ** سيّدُنا حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ تعالىٰ عَلَيْه جي پُڇڻ تي ان ٿن

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلَّم : جنهن مون تي درودِ پاڪ پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو .

قبرن جا **ڏيڇاريندڙ واقعا** بيان ڪيا. جيئن ته ان چيو:

# باهه جون زنجيرون

**هڪ** ڀيري مون هڪ قبر کوٽي ته ان ۾ هڪ دل ڏڪائيندڙ منظر هيو. ڇا ٿو ڏسان ته **مُردي جو چهرو ڪارو آهي، هٿن پيرن ۾ باهه جون زنجيرون آهن ۽ ان جي وات مان رت ۽ پونءِ جاري آهي،** ۽ پڻ ان ڪان ايتري قدر بدبوءِ اچي رهي هئي جو دماغ ڦاٽي رهيو هو. اهو خوفناڪ منظر ڏسي ڪري مان خوف وچان ڀڄڻ وارو ئي هيس ته **مُردو ڇوڻ لڳو:** ڇو ٿو ڀڄين؟ اچ ۽ ٻُڌ ته مون کي ڪهڙي گناهه جي سزا ملي رهي آهي! مان مُردي جي دانهن ٻُڌي ڪري گهٻرائجي ويهي رهيس ۽ همٿ ڪري قبر جي ويجهو ويس ۽ جڏهن اندر جهاتي پائي جو ڏٺم ته عذاب جا فرشتا ان جي ڪنڌ ۾ **باهه جون زنجيرون** ٻَڌي ويٺا هئا. مون مُردي ڪان پُڇيو: تون ڪير آهين؟ ان جواب ڏنو:”مان مسلمان آهيان ۽ مسلمان جو پٽ آهيان پر افسوس!مان **شرابي ۽ زاني** هيس ۽ انهيءَ گناهن واري حالت ۾ مئس ۽ عذاب ۾ گرفتار ٿي ويس. پنهنجو بيان جاري رکندي ان ڪفن چور وڌيڪ ٻُڌايو:

# ڪارو مُردو

هڪ ٻئي موقعي تي جڏهن ڪفن چورائڻ جي ارادي سان مون قبر کوٽي ته **هڪ ڪارو مُردو زبان ڪڍي ويهي رهيو!**

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درودِ پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي .

**ان جي چئني پاسن کان باهہ ان کي ساڙي رهي هئي، فرشتا ان جي ڳچيءَ ۾ زنجيرون ٻَڌي بيٺا هئا.** ان شخص مون کي ڏسندي ئي رڙ ڪندي چيو: ”ياءَ! مان ڏاڍو اجارو آهيان مون کي ٿورو پاڻي پيئاريو.“ فرشتن مون کي چيو: خبردار! ان **بي نمازيءَ** کي پاڻي نہ ڏجانءِ. پوءِ مون همٿ ڪري ان مُردي کان پُڇيو: تون ڇا ڪندو هئين ۽ تنهنجو ڏوهہ ڪهڙو آهي؟ ان جواب ڏنو: ”مان مسلمان هيس پر افسوس! مون الله عزوجل جون گهڻيون نافرمانيون ڪيون آهن ۽ مون جهڙا ڪيترائي گناهگار عذاب ۾ گرفتار آهن.“ ان وڏيڪ چيو:

# قبر ۾ باغ

**اهڙيءَ** طرح هڪ ڀيري مون هڪ قبر کوٽي تہ **قبر کي اندر کان تمام ويڪرو ڏٺو ۽ ڏٺم تہ هڪ نهايت ئي سهڻو باغ آهي جنهن ۾ نهرون وهي رهيون آهن ۽ هڪ حسين ۽ جميل نوجوان ان باغ ۾ مزا ماڻي رهيو آهي.** مون ان نوجوان کان پُڇيو: توکي ڪهڙي عمل جي ڪري اهو انعام مليو آهي؟ ان چيو: مون هڪ واعظ ۾ ٻُڌو هو تہ جيڪو شخص **عاشوره** (يعني 10 محرم) **جي ڏينهن ڇهہ رڪعتون نفل** پڙهي الله عزوجل ان جي بخشش فرمائي ڇڏيندو آهي. تنهن ڪري آءُ هر سال عاشوري جي ڏينهن ڇهہ رڪعتون پڙهندو هيس .

**(ماخوذًا راحت القلوب ص 85 شبير برادرز، مرڪز الاولياء لاهور)**

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللهُ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم : مون تي درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طَهارت آهي .

# ﴿2﴾ خوفناڪ قبر

**هڪ** ڀيري خليفي عبدالملڪ وٽ هڪ شخص گهٻرايل حاضر ٿيو ۽ چوڻ لڳو: **سائين!** مان تمام گهڻو گناهگار آهيان ۽ ڄاڻڻ چاهيان ٿو ته منهنجي لاءِ مُعافي به آهي يا نه؟ **خليفي** چيو: ڇا تنهنجو گناهه زمين ۽ آسمان کان به وڏو آهي؟ ان چيو: وڏو آهي. **خليفي** پُڇيو: ڇا تنهنجو گناهه لوح ۽ قلم کان به وڏو آهي؟ جواب ڏنائين: وڏو آهي. پُڇيائين: ڇا تنهنجو گناهه عرش ۽ ڪرسيءَ کان به وڏو آهي؟ ان جواب ڏنو: وڏو آهي. **خليفي** چيو: ڀاءَ يقيني طور تي تنهنجو گناهه الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت کان ته وڏو نه ٿو ٿي سگهي. اهو ٻُڌي ڪري ان جي سيني ۾ رنڊيل طوفان اکين جي ذريعي ٻاهر نڪري آيو ۽ هُو سڏڪا ڀري روئڻ لڳو. **خليفي** چيو: ڀاءَ آخر مون کي به ته خبر پئي ته تنهنجو گناهه ڪهڙو آهي؟ انهيءَ تي ان چيو: **سائين!** مون کي توهان کي ٻُڌائيندي تمام گهڻو شرم اچي رهيو آهي پر تنهن هوندي به عرض ڪريان ٿو، شايد منهنجي توبهه جي ڪا صورت نڪري اچي. اهو چئي ڪري ان پنهنجو **دهشتناڪ داستان** ٻُڌائڻ شروع ڪيو. چوڻ لڳو: **سائين!** مان هڪ **ڪفن چور** آهيان. اڄ رات مون پنجن قبرن مان عبرت حاصل ڪئي ۽ توبهه ڪرڻ تي راضي ٿيس .

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود شريف پڙهو توهان جو درود شريف مون تائين پهچندو آهي .

# شرابيءَ جو انجام

**ڪفن** چورائڻ جي ارادي سان مون جڏهن پهرين قبر کوٽي تہ مُردي جو منهن قبلي کان ڦريل هيو. مان خوفزده ٿي جيئن ئي واپس ٿيڻ لڳس تہ هڪ غيبي آواز مون کي چرڪائي ڇڏيو. کو چئي رهيو هو:”هن مُردي کان عذاب جو سبب تہ پُڇي وٺ.“مون گهٻرائجي چيو: مون ۾ همٿ ناهي، توهان ئي ٻُڌايو! آواز آيو: هي شخص **شرابي ۽ زاني** هيو.

# سوئر جهڙو مردو

**ٻين قبر** کوٽي تہ هڪ دل ڏڪائيندڙ منظر منهنجي اکين جي سامهون هيو. ڇا ٿو ڏسان تہ **مُردي جو منهن سوئر جهڙو ٿي چڪو آهي ۽ زنجير ۾ جڪڙيل آهي. غيب مان آواز آيو : هي ڪوڙا قسم ۽ حرام روزي ڪمائيندو هيو.**

# باهہ جون ڪليون

**ٽين قبر** کوٽي تہ ان ۾ بہ هڪ خوفناڪ منظر هيو. مُردي جي زبان ڪياڙي مان نڪتل هئي ۽ ان جي جسم ۾ باهہ جون ڪليون نوڪيل هيون. غيبي آواز ٻُڌايو: هي **غيبت** ڪندو هو، **چُغلي** هڻندو هو ۽ ماڻهن کي پاڻ ۾ ويڙهائيندو هو.

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم : جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي .

# باهہ جي گهيري ۾

**چوٿين قبر** کوٽي تہ منهنجي نظرن آڏو هڪ تمام ڊيڄاريندڙ منظر هيو! **مُردو باهہ ۾ پاسا ورائي رهيو هو** ۽ **فرشتا ان کي باهہ جي گُرزن** (يعني باهہ جي هٿوڙن) **سان ماري رهيا هئا**. مون تي هڪدم دهشت طاري ٿي وئي ۽ مان ڀڄڻ لڳس، پر منهنجي ڪنن ۾ هڪ غيبي آواز گونجي رهيو هو تہ هي بدنصيب **نماز** ۽ **رمضان جي روزن** ۾ سُستي ڪندو هو.

# جوانيءَ ۾ توبهہ جو انعام

**پنجين قبر** جڏهن کوٽي تہ ان جي حالت گذريل چئن قبرن کان بلڪل مختلف هئي. **قبر تمام گهڻي ويڪري هئي**، **اندر هڪ تخت تي خوبصورت نوجوان ويٺو هيو**. غيبي آواز ٻُڌايو: هن جوانيءَ ۾ توبهہ ڪئي هئي ۽ نماز روزن جو سختيءَ سان پابند هيو. **(ماخوذ از تذڪرة الواعظين ص 612 ڪوئٹه)**

# ﴿3،4﴾ کوپڙيءَ ۾ شيهو پريل هيو

**حضرتِ** عبدالمؤمن بن **عبد**الله بن عيسىٰ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہِ فرمائن ٿا تہ هڪ **ڪفن چور** جنهن توبهہ ڪئي هئي، ان کان مون پُڇيو تہ ڪفن چوريءَ جي دؤر ۾ جيڪڏهن تو ڪا **عبرتناڪ** شيءِ ڏٺي هجي تہ ٻُڌاءِ. ان تي ان چيو تہ مون هڪ

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : مون تي درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي .

پيري هڪ شخص جي قبر کوٽي ته ان جي سڄي جسم ۾ **ڪِليون** نوڪيل هيون ۽ هڪ وڏي **ڪِلي** ان جي مٿي ۾ جڏهن ته ٻي ٻنهي ٽنگن جي وچ ۾ ٺُنبيل هئي. هڪ ٻئي **ڪفن چور** کان پُڇيو ويو ته ان ٻُڌايو ته **مون هڪ کوپڙي ڏٺي جنهن ۾ پگهريل شيهو پيريو ويو هو.**

(شرح الصدور بشرح حال الموتي والقبور ص 173 مرڪز اهلسنت برڪات رضا، هند)

# ﴿5﴾ پراسرار انڌو

**هڪ انڌو پينو** هيو جيڪو پنهنجون اکيون لِڪائيندو رهندو هو. ان جي سُوال ڪرڻ جو انداز تمام عجيب هيو، اهو ماڻهن کي چوندو هو:"جيڪو مون کي ڪجهه ڏيندو ان کي هڪ عجيب ڳالهه ٻُڌائيندس ۽ جيڪو وڌيڪ ڏيندو ان کي هڪ عجيب شيءِ به ڏيکاريندس."**ابو اسحٰق ابراهيم** رَحْمَةُ اللّٰهِ تعالٰی عَلَیْهِ فرمائن ٿا: ڪنهن ان کي ڪجهه ڏنو ته آءُ ان وٽ بيهي رهيس. **ان پنهنجيون اکيون ڏيکاريون، آءُ اهي ڏسي ڪري حيران ۽ پريشان ٿي ويس جو ان جي اکين جي جاءِ تي ٻه سوراخ هئا جن مان آرپار نظر اچي رهيو هو. پوءِ ان پنهنجو حيرت پريو داستان** ٻُڌائڻ شروع ڪيو، چوڻ لڳو: مان پنهنجي شهر جو نامي گرامي **ڪفن چور** هيس ۽ ماڻهو مون کان گهڻو ڊڄندا هئا. اتفاق سان شهر جو **قاضي** (يعني جج) بيمار ٿي پيو،ان کي جڏهن پنهنجي بچڻ جي اميد

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تعالٰى عليهِ واٰلهٖ وسلَّم : جنهن كتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان كتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار كندا رهندا .

نه رهي ته ان مون کي سؤ **دينار** اهو چوَرائي موکليا ته هنن سؤ دينارن جي ذريعي پنهنجو **كفن** توکان محفوظ كرڻ چاهيان ٿو. مون تسلي ڏني. اتفاق سان اهو تندرست ٿي ويو پر کجهه عرصي کان پوءِ وري بيمار ٿي كري مري ويو. مون سوچيو ته اهو عطيو ته پهرين بيماريءَ جو هيو. تنهن كري مون ان جي قبر کوٽڻ شروع كئي. قبر ۾ عذاب جا آثار هئا ۽ **قاضي** (يعني جج) **قبر ۾ ويٺو هيو ۽ ان جا وار كنڌريل هئا ۽ اکيون ڳاڙهيو ٿي رهيون هيون . ايتري ۾ مون پنهنجي گوڏن ۾ سور محسوس كيو ۽ هكدم كنهن منهنجي اکين ۾ آڱريون هڻي مون کي انڌو كري ڇڏيو ۽ چيو: اي خدا جا ٻانها!** الله عَزَّوَجَلَّ **جي رازن تي ڇو تو خبردار ٿين؟** (شرح الصدور ص 180)

## درندي جي پيٽ ۾ به جزا ۽ سزا جو سلسلو هوندو آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** قبر جو عذاب حق آهي . قبر جو عذاب حقيقت ۾ برزخ جي عذاب کي ئي چئبو آهي. ان کي **قبر جو عذاب** ان لاءِ چئبو آهي جو عام طور تي ماڻهو قبر ۾ ئي دفن ٿيندا آهن نه ته توڙي جو كو شخص سڙي وڃي، ٻُڏي وڃي، ان کي مڇيون كائي وڃن، جهنگ ۾ درندا (يعني خونخوار جانور) چيري ڦاڙي كائي وڃن، كيڙا ماكوڙا

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم : مون تي ڪثرت سان درودِ پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درودِ پاڪ پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي .

ڪائي وجهه، يا هوا ۾ ان جي راک اڏائي وڃي هر صورت ۾ ان سان جزا ۽ سزا جو سلسلو ٿيندو.

## برزخ جي معنيٰ

**برزخ** جي لفظي معنىٰ آڙ ۽ پردو آهي ۽ مرڻ کان پوءِ کان وٺي قيامت ۾ اٿڻ تائين واري وقفي کي **برزخ** چئبو آهي. جيئن تہ برزخ جي باري ۾ ارڙهين سيپاري جي سورهءِ مؤمنون جي آيت نمبر 100 ۾ **اللہ** عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:

وَمِن وَرَائِهِم بَرْزَخٌ إِلَى يَوْمِ يُبْعَثُون (پ۱۸المؤمنون ۱۰۰)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ انهن جي اڳيان هڪ آڙ آهي ان ڏينهن تائين جڏهن اٿاريا ويندا.

**حضرتِ** سيّدُنا مجاهد رَحْمَۃُاللہِ تعالٰی عَلَیْہِ هن آيت جي تفسير ۾ فرمائن ٿا تہ : **مابين الموت الي البعث.** يعني **برزخ** مان مُراد مرڻ کان وٺي قيامت جي ڏينهن ٻيهر اٿاريو وڃڻ واري مدت آهي. **(تفسير طبري ج9 ص 243 دارالڪتب العلمية بيروت)**

## قبر جي عذاب جو قرآن مان ثبوت

**قبر جو عذاب** قرآنِ پاڪ مان ثابت آهي. جيئن تہ اٺيهين سيپاري جي سورهءِ نوح جي آيت نمبر 25 ۾ حضرتِ سيّدُنا نوح عليٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي نافرمان قوم

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : **جڏهن توهان مرسلين**(عليهم السلام) **تي درودِ پاڪ پڙهو ته مون تي به پڙهو بيشڪ آءُ سڀني جهانن جي رب جو رسول آهيان .**

جي طوفان ۾ غرق ٿيڻ کان پوءِ قبر جي عذاب ۾ مبتلا ٿيڻ جو هن طرح بيان آهي:

مِمَّا خَطِيْٓـٰٔتِهِمْ اُغْرِقُوْا فَاُدْخِلُوْا نَارًا (پ۲۹نوح آيت ۲۵)

**ترجمو ڪنزالايمان:** پنهنجي کهڙن گناهن تي ٻوڙيا ويا پوءِ باهه ۾ داخل ڪيا ويا .

هن آيتِ مبارڪ جي هن حصي"پوءِ باهه ۾داخل ڪيا ويا جي تفسير ۾لکيل آهي:هن باهه مان مُراد **بروزخ** جي باهه آهي مُراد **قبر جو عذاب** آهي يعني انهن کي قبر جي اندر باهه ۾ اڇلايو ويو.(روح المعاني جزء 29 ص 125 وغيره دار احياء التراث العربي بيروت)

**قبر جي عذاب** متعلق چوويهين سيپاري جي سورة المؤمن جي آيت نمبر 46 ۾ **الله** عزوجل فرمائي ٿو:

اَلنَّارُ يُعْرَضُوْنَ عَلَيْهَا غُدُوًّا وَّعَشِيًّا ۚ وَيَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ ۟ اَدْخِلُوْٓا اٰلَ فِرْعَوْنَ اَشَدَّ الْعَذَابِ ○ (پ۲۴المؤمن ۴۶ـ۴۵)

**ترجمو ڪنزالايمان:** انهن کي صبح شام باهه تي پيش ڪيو ويندو آهي، ۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي حڪم ٿيندو فرعون وارن کي سخت تر عذاب ۾ داخل ڪيو.

**هن** آيت ۾ واضح طور تي **قبر جي عذاب** جو بيان آهي هن طرح ته **اشد العذاب** يعني تمام سخت عذاب مان مُراد جهنَّم جو عذاب آهي جيڪو قيامت جي ڏينهن ٿيندو ان کان

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہ وسلم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس .

اڳ ۾ جيڪو عذاب آهي اهو عذاب، (يعني) **قبر جو عذاب** آهي. (عمدة القاري ج6 ص 274، دارالفكر بيروت و نزهة القاري ج2ص862 فريد بڪ اسٽال مرڪز الاولياء لاهور)

**قبر جي عذاب** جو تذڪرو ڪندي يارهين سيپاري جي سورة التوبه جي آيت نمبر 101 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

سَنُعَذِّبُهُم مَّرَّتَيۡنِ ثُمَّ يُرَدُّونَ اِلٰى عَذَابٍ عَظِيۡم (پ۱۱ التوبہ ۱۰۱)

**ترجمو ڪنزالايمان:** جلد اسان انهن کي ٻيو ڀيرو سزا ڏينداسين پوءِ وڏي عذاب جي طرف موٽايا ويندا.

# منافقن جي خواري

حضرتِ سيّدُنا ابنِ عباس رضی اللہ تعالیٰ عنہما ذڪر ڪيل آيتِ مبارڪ جو تفسير ڪندي فرمائن ٿا ته رسول الله عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہ وسلم جمعي جي ڏينهن خطبو ڏنو ۽ ارشاد فرمايائون:”اي فلاڻا اٿي ٻيهه ۽ نڪري وڃ ڇوته تون منافق آهين.“ پاڻ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہ وسلم **منافقن** جو نالو ڪٺي ڪٺي انهن کي مسجد مان ڪڍي ڇڏيو ۽ انهن کي گهڻو خوار ڪيو. پوءِ **حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم** رضی اللہ تعالیٰ عنہ مسجد ۾ داخل ٿيا ته هڪ شخص **حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم** رضی اللہ تعالیٰ عنہ کي چيو: توهان کي خوشخبري هجي، الله عَزَّوَجَلَّ اڄ منافقن کي ذليل ۽ خوار ڪري ڇڏيو آهي. **حضرتِ سيّدُنا ابنِ عباس** رضی اللہ تعالیٰ عنہما فرمايو ته

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻہ سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا .

مسجد مان ذليل ڪري ڪڍي ڇڏڻ ٻهريون عذاب هيو ۽ ٽيو عذاب، **قبر جو عذاب** آهي. (تفسير طَبَري ج 6 ص 457 دارالكتب العلمية بيروت، عمدة القاري ج6 ص 274 دارالفكر بيروت، نزهة القاري ج 2 ص 862)

# قبر جي عذاب جو حديث مان ثبوت

**قبر جي عذاب** جي ثبوت ۾ بيشمار حديثون وارد آهن. انهن مان رُڳو هڪ حديثِ پاڪ خدمت ۾ پيش آهي، جيئن تہ سرڪارِ نامدار، مديني جا تاجدار، باذنِ پرورَدگار، ٻنهي جهانن جا مالڪ ۽ مختار، شهنشاهہِ ابرار عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم فرمائن ٿا: عذاب القبر حق . يعني قبر جو عذاب حق آهي.

(سنن النسائي ص 225 حديث 1305 دارالكتب العلمية بيروت)

صدرالشَّريعه، بدرُالطَّريقه حضرتِ علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عليه رحمة الله القوي فرمائن ٿا: قبر جي عذاب جو انڪار اهو ئي ڪندو جيڪو گمراهہ آهي.

(بهارِ شريعت حصو پهريون ص 57 مكتبة المدينه باب المدينه كراچي)

# اسان ڇو پريشان آهيون؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** الحمدلله عَزَّوَجَلَّ اسين مسلمان آهيون ۽ مسلمان جو هر ڪم الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جي رضا جي لاءِ هجڻ گهرجي. پر افسوس! اڄ اسان جي اڪثريت نيڪيءَ جي رستي کان پري ٿيندي پئي وڃي، شايد ان جي ڪري ئي اسان کي

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰه تعالٰى عليه واٰله وسلم : **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي .**

مختلف پريشانين ڪي منهن ڏيٺو پوي ٿو. ڪو بيمار آهي تہ ڪو قرضدار، ڪو گهريلو رنجشن جو شڪار آهي تہ ڪو تنگدست ۽ بي روزگار، ڪو اولاد جو طلبگار آهي تہ ڪو نافرمان اولاد جي ڪري بيزار. مطلب تہ هر هڪ ڪنهن نہ ڪنهن مصيبت ۾ گرفتار آهي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ قرآنِ پاڪ ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَمَآ اَصَابَكُم مِّن مُّصِيبَةٍ فَبِمَا كَسَبَتْ اَيْدِيكُمْ وَيَعْفُوا عَن كَثِيرٍ (پ٢٥ الشورىٰ٣٠)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ توهان کي جيڪا مصيبت پهتي اهو ان سبب آهي جيڪو توهان جي هٿن ڪمايو ۽ اهو گهڻو ڪجهہ تہ معاف فرمائيندو آهي.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيشڪ دنيا ۽ آخرت جي هر پريشانيءَ جو حل **اللّٰه تعالٰى** ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللّٰه تعالٰى عليه واٰله وسلم جي فرمانبرداريءَ ۾ آهي. منقول آهي: ”جيڪو **اللّٰه تعالٰى** جي ڪمن ۾ لڳي ويندو آهي **اللّٰه تعالٰى** ان جي ڪمن ۾ لڳي ويندو آهي.“

# نماز جون برڪتون

**مسلمانن** جي لاءِ سڀ کان پهريون فرض **نماز** آهي پر افسوس جو اڄ اسان جون مسجدون ويران آهن. يقيني طور

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي .

تي **نماز** دين جو ٿنڀو آهي، **نماز الله تعالیٰ** جي رضا جو سبب آهي، **نماز** سان رحمت نازل ٿيندي آهي، **نماز** سان گناهہ مُعاف ٿيندا آهن، **نماز** بيمارين ڪان بچائيندي آهي. **نماز** دعائن جي قبوليّت جو سبب آهي، **نماز** سان روزيءَ ۾ برڪت ٿيندي آهي، **نماز** اونداهي قبر جو ڏيئو آهي، **نماز** قبر جي عذاب ڪان بچائيندي آهي، **نماز** جنّت جي ڪنجي آهي، **نماز** پل صراط جي لاءِ آساني آهي، **نماز** جهنّم جي عذاب ڪان بچائيندي آهي، **نماز** مٺي مٺي آقا صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي اکين جي ٺار آهي. نمازيءَ کي تاجدارِ مدينه صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي شفاعت نصيب ٿيندي ۽ نمازيءَ جي لاءِ سڀ ڪان وڏي نعمت اها آهي جو ان کي قيامت جي ڏينهن **الله تعالیٰ** جو ديدار ٿيندو.

## بي نمازيءَ جو خوفناڪ انجام

**بي نمازيءَ** ڪان **الله تعالیٰ** ناراض ٿيندو آهي. جيڪو ڄاڻي واڻي هڪ **نماز** ڇڏي ڏيندو آهي ان جو نالو جهنَّم جي دروازي تي لکيو ويندو آهي . **نماز** ۾ سُستي ڪرڻ واري کي قبر اهڙيءَ طرح زور ڏيندي جو ان جون پاسراٽيون ٽُٽي هڪٻئي ۾ ملي وينديون، ان جي قبر ۾ باهہ ڀڙڪائي ويندي ۽ ان تي هڪ گنجو نانگ مُسَلَّط ڪيو ويندو ۽ پڻ قيامت جي ڏينهن ان جو حساب سختيءَ سان ورتو ويندو.

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي ان جفا ڪئي .

# مٽُو چٽڻ جي سزا

**سرڪارِ مدينه** صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم صحابهءِ ڪرام عليهم الرضوان کي فرمايو: اڄ رات ٻہ شخص (يعني جبرائيل ۽ ميڪائيل عليهمَا السلام) مون وٽ آيا ۽ مون کي ارضِ مقدَّسه (يعني پاڪ سرزمين) ۾ وٺي ويا. مون ڏٺو تہ **هڪ شخص ليٽيل آهي ۽ ان جي سيرانديءَ کان هڪ شخص پٿرُ کنيون بيٺو آهي ۽ پٿر سان مسلسل ان جو مٿو چِٿي رهيو آهي، هر ڀيري چِٿڻ کان پوءِ مٿو وري ٺيڪ ٿي ويندو آهي.** مون انهن فرشتن کي چيو: **سبحٰن الله** عَزَّوَجَلَّ! اهي ڪير آهن؟ انهن عرض ڪيو: اڳتي تشريف کڻي هلو (وڌيڪ منظر ڏيکارڻ کان پوءِ) فرشتن عرض ڪيو: پهريون شخص جيڪو توهان صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم ڏٺو (يعني جنهن جو مٿو چِٿيو پيو وڃي) **هُو اهو شخص هيو جنهن قرآن ياد ڪري ڇڏي ڏنو هو ۽ فرض نمازن جي وقت سمهڻ جو عادي هيو. ان سان اهو سلوڪ قيامت تائين ٿيندو.**

**(صحيح بخاري ج 4،1ص 425،467 حديث 1386، 7047 باختصار)**

# قبر ۾ باهہ جا شعلا

**هڪ** شخص جي ڀيڻ فوت ٿي وئي. جڏهن هو ان کي دفن ڪري موٽيو تہ ياد آيس تہ رقم جي ٿيلهي قبر ۾ ڪِري پئي آهي، اهڙيءَ طرح هو پنهنجي ڀيڻ جي قبر تي آيو ۽ ان کي کوٽيو تہ جيئن ٿيلهي ڪڍي وٺي. ان ڏٺو تہ **ڀيڻ جي قبر**

**فرمانِ مصطفيٰ** صلى الله تعالى عليه وآله وسلم : **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو .**

۾ **باهہ جا شعلا ڀڙڪي رهيا آهن**. پوءِ ان جيئن تيئن قبر تي مٽي وڌي ۽ غمگين روئندو ماءُ وٽ آيو ۽ پُڇا ڪيائين: پياري امان! منهنجي ڀيڻ جا عمل ڪهڙا هئا؟ اها چوڻ لڳي: پٽ ڇو ٿو پُڇين؟عرض ڪيائين:"مون پنهنجي ڀيڻ جي قبر ۾ باهہ جا شعلا ڀڙڪندي ڏٺا آهن." اهو ٻُڌي ڪري ماءُ روئڻ لڳي ۽ چيائين: افسوس! تنهنجي ڀيڻ **نماز** ۾ سُستي ڪندي هئي ۽ **نماز** جا وقت ٽاري پڙهندي هئي (يعني نماز قضا ڪري پڙهندي هئي) **(مڪاشفة القلوب ص 189 دارالڪتب العلمية بيروت)**

## خوفناڪ کوهہ

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جڏهن نمازن کي **قضا** ڪري پڙهڻ جي اها سزا آهي تہ پوءِ بلڪل نماز نہ پڙهڻ وارن جو ڪيترقدر خوفناڪ انجام ٿيندو. **ياد رکو!** جيڪو ڄاڻي واڻي نماز کي **قضا** ڪري پڙهندو اهو"وَيل" جو حقدار آهي. **وَيل** جهنَّم ۾ هڪ خوفناڪ وادي آهي جنهنجي سختيءَ کان ڪان خود جهنَّم بہ پناهہ گهرندو آهي. ۽ پڻ جهنَّم ۾ هڪ "غيّ" نالي وادي آهي ان جي گرمي ۽ گهرائي سڀ کان وڌيڪ آهي ان ۾ هڪ **خوفناڪ کوهہ** آهي جنهن جو نالو "هب هب" آهي جڏهن جهنَّم جي باهہ وسامڻ تي ايندي آهي الله **تعالیٰ** ان کوهہ کي کولي ڇڏيندو آهي جنهن سان اها اڳ جيان ڀڙڪڻ لڳندي آهي اهو **خوفناڪ کوهہ بي نمازين،**

**فرمانِ مصطفيٰ** صلى الله تعالى عليه واله وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درودِ پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي .

زانين، شرابين، وياج خورن ۽ ماءُ پيءُ کي ايذاءُ ڏيڻ وارن جي لاءِ آهي. (بهارِ شريعت حصو 3 ص 2 مڪتبة المدينه، باب المدينه ڪراچي)

## جهنم ۾ وڃڻ جو حڪم

**منقول** آهي تہ قيامت جي ڏينهن هڪ شخص کي الله عزوجل جي بارگاهہ ۾ بيهاريو ويندو، الله تبارڪ و تعالى ان کي جهنَّم ۾ وڃڻ جو حڪم فرمائيندو. اهو عرض ڪندو: يا الله عزوجل! مون کي ڇا جي ڪري جهنَّم ۾ موڪليو ٿو وڃي؟ ارشاد ٿيندو: نمازن کي انهن جو وقت ٽاري پڙهڻ ۽ منهنجي نالي جا ڪوڙا قسم کڻڻ جي ڪري . (مڪاشفة القلوب ص 189 دارالڪتب العلمية بيروت)

## ڪاري خچر جهڙا وڇون

منقول آهي، جهنَّم ۾ هڪ وادي آهي جنهنجو نالو ”لملم“ آهي، ان ۾ اٺ جي ڪنڌ جيان **ٿلها ٿلها نانگ** آهن، هر نانگ جي ڊيگهہ هڪ مهيني ۾ جيترو سفر ڪجي ان جي برابر آهي. جڏهن اهو نانگ **بي نمازيءَ** کي ڏنگيندو تہ ان جو زهر ان جي جسم ۾ **ستر سالن** تائين جوش ڏيکاريندو رهندو، ۽ **جهنَّم** ۾ هڪ وادي آهي جنهن جو نالو ”جَبُّ الْحُزْن“ آهي ان ۾ **ڪاري خچر جهڙا وِڇون** آهن. ان جا ستر ڏنگ آهن ۽ هر ڏنگ ۾ زهر جي ٿيلهي آهي . اهو

**فرمانِ مصطفيٰ** صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم : جنهن مون تي سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائيندو آهي .

**وِڇون** جڏهن **بي نمازيءَ** کي ڏنگ هڻندو آهي تہ ان جو زهر ان جي سڄي جسم ۾ ڦهلجي ويندو آهي ۽ ان جي زهر جي گرمي(يعني تڪليف) **هڪ هزار سالن** تائين رهندي آهي. ان کان پوءِ ان جي هڏين مان گوشت ڇڻندو آهي ۽ ان جي شرمگاهہ مان پونءِ وهڻ لڳندي آهي ۽ سڀئي جهنّمي ان تي لعنت موڪليندا آهن. (قرة العيون معه الروض الفائق ص 385، ڪوئٽه)

# بي نمازيءَ جي صحبت کان بچو!

**منهنجا** آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، مولانا شاهہ **امام احمد رضا خان** عليه رحمة الرحمٰن نمَاز ڇڏي ڏيڻ جي عذاب ۽ بي نمازيءَ جي صحبت ۾ ويهڻ جي منع ڪندي فتاويٰ رضويه جلد 9 صفحي 158 ، 159 تي فرمائن ٿا: **جنهن ڄاڻي واڻي هڪ وقت جي** (نماز) **ڇڏي ڏني هزارين سال جهنم ۾ رهڻ جو حقدار ٿيو،** جيسيتائين توبهہ نہ ڪري ۽ ان جي قضا نہ ڪري وٺي، مسلمان جيڪڏهن ان جي زندگيءَ ۾ ان کي (يعني ان بي نمازيءَ کي) **بلڪل ڇڏي ڏين،** ان سان نہ ڳالهائن، ان سان نہ ويهن، تہ ضرور اهو (بي نمازي) ان (بائيڪاٽ) جو سزا وار (يعني لائق) آهي. (بي نمازي جيئن تہ ظالم آهي ان لاءِ ان جي صحبت کان بچڻ جي وڌيڪ تاڪيد ڪندي سيّدي اعليٰ حضرت قرآني آيت پيش ڪئي آهي جيئن تہ لکن ٿا) **الله تعالی**

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : **توهان جتي بہ هجو مون تي درود شريف پڙهو توهان جو درود شريف مون تائين پهچندو آهي .**

فرمائي ٿو:

وَاِمَّا يُنۡسِيَنَّكَ الشَّيۡطٰنُ فَلَا تَقۡعُدۡ بَعۡدَ الذِّكۡرٰى مَعَ الۡقَوۡمِ الظّٰلِمِيۡنَ (پ۷الانعام۶۸)

**ترجمو ڪنزالايمان** : ۽ جيڪڏهن ڪٿي توکي شيطان وسارائي تہ ياد اچڻ تي ظالمن سان گڏ نہ ويهہ .

# قضا عمريءَ جو آسان طريقو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هميشہ جماعت سان نماز پڙهڻ جو اهتمام ڪريو، ڪڏهن بہ سُستي نہ فرمايو. جن جي ذمي **قضا نمازون** آهن اهي سچي توبهہ ڪري ادا ڪرڻ جي ترڪيب ڪن. ان سلسلي ۾ **ملفوظاتِ اعليٰ حضرت** حصي پهرين صفحي 70 کان 71 تان عرض ۽ ارشاد ملاحظہ فرمايو: حاضرين مان ڪنهن عرض ڪيو تہ حضور دنياوي مڪروهات (يعني پريشانين) اهڙو گهيريو آهي جو روزانو ارادو ڪريان ٿو اڄ قضا نمازون ادا ڪرڻ شروع ڪندس پر نہ ٿو ٿئي! ڇا هيئن ادا ڪريان جو اڳ ۾ سڀ فجر جون نمازون ادا ڪريان پوءِ ٻيپهريءَ جون، پوءِ ٻين وقتن جون، تہ ڪو حرج آهي؟ مون کي اهو بہ ياد ناهي تہ ڪيتريون نمازون قضا ٿيون آهن. اهڙي حالت ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ **ارشاد فرمايائون**: قضا نمازون جلد کان جلد ادا ڪرڻ لازمي

**فرمانِ مصطفيٰ** صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم : **جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي .**

آهي، خبر ناهي ڪهڙي وقت موت اچي وڃي، گهڻو مشڪل نہ آهي هڪ ڏينهن جون ويهہ رڪعتون تہ هونديون آهن (يعني فجر جون ٻہ رڪعتون فرض ۽ ٻيپهريءَ جون چار فرض ۽ ٽيپهريءَ جون چار فرض ۽ سانجهيءَ جون ٽي فرض ۽ سومهڻيءَ جون چار فرض ۽ ٽي وِتر) انهن نمازن کي سج ايرڻ ۽ لهڻ ۽ زوال جي وقتن کان علاوه (جو ان وقت سجدو حرام آهي) هر وقت ادا ڪري سگهي ٿو ۽ مرضي آهي جو اڳ ۾ فجر جون سڀ نمازون ادا ڪري، پوءِ ٻيپهري، پوءِ ٽيپهري، پوءِ سانجهي، پوءِ سومهڻيءَ جون يا سڀ نمازون گڏوگڏ ادا ڪندو وڃي ۽ انهن جو اهڙو حساب لڳائي جو اندازي ۾ باقي نہ رهجي وڃن وڌيڪ ٿي وڃن تہ حرج ناهي ۽ اهي سڀ طاقت مطابق هوريان هوريان جلدي ادا ڪري ڇڏي،سُستي نہ ڪري. جيستائين فرض باقي ذمي رهيل آهي تہ ڪو نفل قبول نہ ڪيو ويندو. نيّت انهن نمازن جي هن ريت ڪئي وڃي مثال طور سؤ ڀيرا فجر جي نماز قضا آهي تہ هر ڀيري هيئن چوي تہ ”سڀ کان پهريان جيڪا فجر مون کان قضا ٿي آهي“ هر ڀيري ائين ئي چوي . يعني جڏهن هڪ ادا ٿئي تہ باقين ۾ جيڪا سڀ کان اڳ ۾ آهي. اهڙيءَ ريت ٻيپهري وغيره هر نماز ۾ نيّت ڪري. جنهن تي گهڻيون نمازون **قضا** (يعني رهيل) هجن ان جي لاءِ آسانيءَ سان جلد ادا ڪرڻ جو هي طريقو بہ آهي تہ خالي رڪعتون (يعني ٻيپهري، ٽيپهري

**فرمانِ مصطفيٰ** صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم : مون تي درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طَهارت آهي .

۽ سومهڻيءَ جي فرضن جون آخري ٻہ ۽ سانجهيءَ جي فرض جي ٽين رڪعت) ۾ **الحمد شريف** جي بدران ٽي ڀيرا **سبحٰن** الله چوي، جيڪڏهن هڪ ڀيرو بہ چوندو تہ فرض ادا ٿي ويندو ۽ پڻ رڪوع ۽ سجدن جي تسبيحن ۾ رُڳو هڪ هڪ ڀيرو **سبحٰن ربي العظيم** ۽ **سبحٰن ربي الاعلي** پڙهي ونڃ ڪافي آهي. تَشَهُّد (يعني التحيات) کان پوءِ ٻنهي درود شريفن جي بدران **اللهم صل على سيدنا محمد و آله** . **وترن** ۾ دعاءِ قُنُوت جي بدران رب اغفرلي چوڻ ڪافي آهي. سج اڀرڻ کان ويهہ منٽ پوءِ ۽ سج لهڻ کان ويهہ منٽ اڳ ۾ نماز ادا ڪري سگهي ٿو. ان کان اڳ يا ان کان پوءِ ناجائز آهي. اهڙو شخص جنهن جي ذمي نمازون رهيل آهن اهو لِڪي ڪري پڙهي جو گناهہ جو اعلان جائز ناهي. (يعني اهو ظاهر ڪرڻ گناهہ آهي تہ مون تي قضا نمازون آهن يا مان قضا نمازون پڙهي رهيو آهيان وغيره)

**انهيءَ** سلسلي ۾ (سيّدي اعليٰ حضرت وڏيڪ) ارشاد فرمايو: جيڪڏهن ڪنهن شخص جي ذمي **ٽيهہ** يا **چاليهہ** سال جون نمازون آهن **واجب الادا**، ان پنهنجي انهن سيني ضروري ڪمن کان علاوه جن ڪانسواءِ گذارو ناهي، ڪاروبار ڇڏي پڙهڻ شروع ڪيو ۽ پڪو ارادو ڪري ورتو تہ سڀ نمازون ادا ڪري (پوءِ) بس ڪندس ۽ فرض ڪريو انهيءَ حالت ۾ هڪ مهينو يا هڪ ڏينهن ڪان پوءِ ئي ان جو انتقال ٿي وڃي تہ الله تعالى پنهنجي رحمتِ ڪاملہ سان ان

**فرمانِ مصطفيٰ** صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم : جنهن كتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو اُن كتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار كندا رهندا .

جون سڀ نمازون ادا كري ڇڏيندو. **قال الله تعالىٰ:** (يعني الله عزوجل فرمائي ٿو) :

وَمَن يَخْرُجْ مِن بَيْتِهِ مُهَاجِرًا إِلَى اللَّهِ وَرَسُولِهِ ثُمَّ يُدْرِكْهُ الْمَوْتُ فَقَدْ وَقَعَ أَجْرُهُ عَلَى اللَّهِ

**ترجمو كنزالايمان:** ۽ جيكو پنهنجي گهران نكتو الله ۽ سندس رسول جي طرف هجرت كندي پوءِ ان كي موت اچي ويو ته ان جو ثواب الله جي ذمي تي ويو .

(پ٥النساء١٠٠)

بے نمازی تیری شامت آئیگی قبر کی دیوار بس مل جائیگی
توڑ دیگی قبر تیری پسلیاں دونوں ہاتھوں کی ملیں جوں اُنگلیاں
عمر میں چھوٹی ہے گر کوئی نماز جلد ادا کرلے تُو آ غفلت سے باز
کرلے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی
قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی

# غافل درزي

هڪ اسلامي ڀاءَ جي بيان جو خلاصو آهي: مان جن ڏينهن ۾ پنجاب ۾ درزكو كم كندو هيس، منهنجو كردار **معاذالله** عزوجل انتهائي خراب هيو،نماز جي بلكل توفيق نه هئي، جهيڙو جهٽو تقريبًا روزمره جو معمول هيو، كوڙ،

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : جنھن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منھنجو نالو اُن ڪتاب ۾ لکيل رھندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رھندا .

غيبت،وعده خلافي،ڪاوڙ، گارگند، چوري، بدنگاھي، فلمون ڊراما ڏسڻ،گانا باجا ٻُڌڻ،رستي ويندڙ ڇوڪرين سان ڇيڙڇاڙ ڪرڻ،ماءُ پيءُ کي ستائڻ، مطلب ته اھا ڪھڙي بُرائي ھئي جيڪا مون ۾ نه ھئي. منھنجي خراب عادتن مان تنگ اچي منھنجي گھروارن مون کي باب المدينه ڪراچي موڪليو.

مون باب المدينه (ڪراچي) جي ھڪ ڪارخاني ۾ ملازمت اختيار ڪري ورتي، اتي ڇوڪريون به ڪم ڪنديون ھيون، ان لاءِ منھنجون عادتون اڃان وڌيڪ بگڙجي ويون. مان ايتريقدر بُرو انسان ھيس جو ڪڏھن ڪڏھن ته مون کي پنھنجو پاڻ کان نفرت به ايندي ھئي. ھڪ ڏينھن مون کي خبر پئي ته منھنجا ماروٽ دعوتِ اسلامي جي اداري، **جامعة المدينه** (گلستانِ جوھر ڪراچي) ۾ درسِ نظامي ڪري رھيا آھن. مان انھن سان ملڻ لاءِ پھتس ته اھي تمام وڏي محبت واري انداز سان مون سان مليا،انھن انفرادي ڪوشش ڪندي مون کي **دعوتِ اسلامي** جي **سنتن ڀرئي اجتماع** جي دعوت پيش ڪئي جيڪا مون قبول ڪري ورتي. جڏھن مان اجتماع ۾ حاضر ٿيس ته اتي مون کي ڪنھن مڪتبة المدينه جا ڇپيل رسالا **”ٻُڌو پوڄاري“** ۽ **”ڪفن چور جا انڪشافات“** تحفي ۾ ڏنا.

مون گھر اچي جڏھن اھي پڙھيا ته پھريون ڀيرو احساس

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : مون تي ڪثرت سان درودِ پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درودِ پاڪ پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي .

ٿيو تہ مان پنهنجي زندگي برباد ڪري رهيو آهيان . مون ان وقت ئي گناهن کان **توبهہ** ڪئي ۽ پنج وقت **جماعت سان نماز** پڙهڻ جي نيّت ڪري ورتي ۽ هر جمعرات پابنديءَ سان تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ۾ ٿيڻ واري **سنتن ڀريي اجتماع** ۾ شرڪت ڪرڻ لڳس. سلسلهءِ عاليه قادريه رضويه ۾ داخل ٿي ڪري **غوثِ پاڪ** رضی اللہ تعالیٰ عنہ جو مُريد بڻجي ويس. **الحمدلله** عزوجل منهنجي زندگيءَ ۾ **مدني انقلاب** برپا ٿي ويو . ماروٺ جي انفرادي ڪوشش جي برڪت سان **مدني قافلي** ۾ سفر جي سعادت حاصل ٿي. **الحمدلله** عزوجل **عاشقانِ رسول** جي صحبت جي برڪت سان مان **دعوتِ اسلامي** جي **مدني ماحول** سان وابستہ ٿي ويس ۽ هي بيان ڏيڻ وقت جامعة المدينه ۾ **درسِ نظامي** (يعني عالم ڪورس) جي درجهءِ ثانيه (يعني ٽئين درجي) جو طالبِ علم آهيان. **الله تبارڪ وتعالى** منهنجي مدني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** کي هميشہ بُري نظر کان محفوظ فرمائي جو ان جي برڪت سان مون جهڙو گندي ماحول ۾ رهڻ وارو شان ۽ شوقت سان علمِ دين حاصل ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويو.

صَلُّوا عَلَی الحَبِيب ! صَلَّی اللّٰه تَعَالیٰ عَلیٰ مُحَمَّد

